سنڌ جي ڀلاري ۽ درويش صفت انسان

وتائي فقير

جون

ڳالهيون ۽ چرچا



مرتب

دانش ضياءَ

SBC

سنڌ جي ڀلاري ۽ درويش صفت انسان

وتائي فقير

جون

ڳالهيون ۽ چرچا

مرتب:

دانش ضياءَ

سنڌ بڪ ڪلب

35 رابعه اسڪواير، حيدر چوڪ،

گاڏي ڪاتو، حيدرآباد.

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: وتائي فقير جون ڳالهيون ۽ چرچا
ڇاپو : پهريون (وڌايل ۽ سڌاريل)
تعداد : هڪ هزار
سال : 2001ع
ملھ : 15 رپيا
ڇپائيندڙ : سنڌ بڪ ڪلب 35 رابعه اسڪواير،
حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد.

تعارف

وتايو فقير

وتايو فقير سنڌ جي لوڪ قصن جو زنده ۽ تابنده ڪردار آهي. سندس مخصوص شهرت کيس ديو مالائي صورت بخشي آهي. اهو ئي سبب آهي جو گهڻا ماڻهو کيس صرف هڪ فرضي ۽ افسانوي ڪردار سمجهندا آهن. وتائي فقير جي باري ۾ سوين مزاحيه پر نصيحت آموز قصا ۽ ڪهاڻيون مشهور آهن. اچو ته سندس خانداني پس منظر تي نظر وجهون.

وتايو فقير يا "وتو مل" مذهب جي لحاظ کان کتري هندو هئو. سندس والد جو نالو امر سنگهه اجواڻي ۽ ماءُ جو نالو رڪمڻي بائي هو. وتائي فقير جا ٻه ڀائر هئا جن جو نالو واريو مل ۽ وسايو مل هو. کيس هڪ ڀيڻ ٻه هئي جنهن جو نالو ورائي بائي هو.

وتائي فقير حيدرآباد جي ويجهو ڳوٺ تاج پور ۾ 1768ع ۾ جنم ورتو. جلد ئي سندس والدين اتان لڏي نصرپور ۾ اچي آباد ٿيا. وتايو فقير ننڍپڻ کان وني سادي ۽ فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هو. سندس اٺڻ ويهڻ عام طور تي صوفي ۽ فقير قسم جي ماڻهن سان هوندو هو ان ڪري ماڻهو کيس به "وتايو فقير" جي نالي سان سڏيندا هئا. وتايو فقير جڏهن جوان ٿيو ته سندس شادي عمر ڪوٽ مان ڪرائي وئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ جڏهن سندس والد وفات ڪري ويو ته وتائي فقير، مسلمان صوفي بزرگن جي اثر هيٺ پنهنجي گهر واريءَ سميت اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجو نالو طاهر شيخ

رڪيائين. جيئن تہ ھو وتايو فقير جي نالي سان مشھور ٿي ويو ھو تنھنڪري ملسمان ٿيڻ کان پوءِ بہ ساڳي نالي سان سڏجڻ لڳو. ڪنھن ماڻھوءَ وتائي فقير کان پڇيو ”فقيرن ۽ ملن جي پاڻ ۾ ڇو نہ ٿي لڳي؟ ان متعلق تنھنجي ڪھڙي راءِ آھي؟ ڪير سچو آھي ۽ ڪير ڪوڙو آھي؟“

وتائي فقير جواب ڏنو. ”سچو فقير ھجي يا ملو پاڻ ۾ نہ وڙھندا، ڇو تہ ملي وٽ علم ھوندو تہ فقير وٽ پرک ھوندي. جيڪي پاڻ ۾ وڙھندا آھن يا فساد ڦھلائيندا آھن اھي پنڪيل آھن ۽ ڇاٽي واٽي پيرن سان ڌوڙ اڏائيندا آھن.“

وتايو فقير ڪلٽي ملٽي طبيعت جو مالڪ ھو. ھو ڪل ڀوڳ ۽ مزاحيہ لفظن ۾ اھڙيون نصيحت ڀريون ڳالھيون ڪري ويندو ھو جو عقل وارا بہ انھن تي سوچي دنگ رھجي ويندا ھئا. سندس درويشاڻي طبيعت، ميرو سيرو لباس، مجنونءَ جھڙو انداز ۽ پنھنجي وجود کان بي ڌيانيءَ جي ڪري اڪثر ماڻھو کيس مجذوب چوندا ۽ سمجھندا ھئا. حقيقت ۾ وتايو فقير سادي طبيعت سان گڏو گڏ تمام گھڻو حاضر دماغ ۽ دانشور قسم جو ماڻھو ھو. بظاھر سندس ڳالھيون مزاحيہ نٺول ھونديون ھيون جن کي ٻڌي ان وقت جا ماڻھو بي اختيار ٽھڪ ڏيندا ھئا ۽ اڄ جا ماڻھو بہ بي اختيار ٽھڪ ڏيندا آھن پر گھرائيءَ ۾ اھي ڳالھيون نصيحت ڀريون آھن. افسوسناڪ حقيقت اھا بہ آھي تہ اسان جي روايتي اديبن ۽ تاريخدانن ھن سادي ۽ سچي دانشور تي مسخرو ھئڻ جو ٺپو لڳائي سندس قدآور شخصيت جي علمي رخن ۽ نصيحت ڀريل لفظن کي گھٽي اھميت نہ ڏني. جيڪڏھن گھرائي ۾ تحقيق ڪئي وڃي يا تقابلي جائزو ورتو وڃي تہ اھو راز کلندو تہ وتائي فقير ظرفاٽي نثر ۾ اھي ڳالھيون ڪيون جيڪي

مشهور شاعرن مرزا غالب ۽ اڪبر الهه آبادي پنهنجي نظمن ۾ پيش ڪيون آهن. پر مرزا غالب جي خوشنصيبي اها هئي جو کيس مولانا حاليءَ جهڙو سوانح نگار ۽ عبدالرحمان بجنوري جهڙو محقق مليو، انهن ماڻهن مرزا غالب کي عام ۽ خاص ۾ متعارف ڪرايو. وتائي فقير بابت معاملو بلڪل ابتو آهي ڇاڪاڻ تہ سندس مٿان قلم ڪنندڙن هر دور ۾ سندس قولن ۽ نصيحتن کي ڪٽي سٽي صرف مزاحيہ لطيفا ڄاڻي کيس مسخرو ثابت ڪرڻ جون ڀرپور ڪوششون ڪيون پر وتائي فقير جي بزرگائي شخصيت تي ان قسم جون ڀاراتيون ڳالهيون اثر انداز نہ ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو هيترن سالن گذرڻ باوجود سندس نالو اسان جي ثقافتي ورثي سان گڏ سفر ڪندي تهذيبي ادب ۽ ماڻهن جي ذهن ۾ ڪنهن قدآور وڻ جنهن پاڙن جيان پختو ڪتل آهي.

سنڌي لوڪ نصيحت ڀريل مزاحيہ قصن جي هن ديو مالائي ڪردار جي وفات 1831ع ۾ ٿي. سندس تربت ٽنڊوالهيار کان تقريبن ٽن ميلن جي فاصلي تي آهي. سندس عقيدتمند اڄ بہ سندس مزار تي حاضري ڀريندا آهن.

وتائي فقير جا ناصحاڻا گفتا - ڳالهيون ۽ چرچا

اٽو

هڪ دفعي وتائي فقير جي گهر ۾ اٽو ختم ٿي ويو ته سندس ماءُ کيس چيو:

”پٽ! اڄ ته پچائڻ لاءِ ڪجهه به ناهي.“

اهو ٻڌي وتايو ٽڪر ۾ اٽيو ڪاغذ ۽ قلم ڪنيائين ۽ سڌو مسجد ۾ وڃي پهتو موذن جي جاءِ تي چڙهي مٿي ڏسندي چيائين:

’الله سائين تون پاڪ آهين، اسان ي گهر ۾ کائڻ لاءِ اٽو به ناهي، خالي هٿين ويندس ته ماءُ ۽ زال جا دڙڪا ملندا. جيڪڏهن بکيو مارڻو اٿئي ته پنهنجو نالو رزاق بدلائي ڇڏ. جيڪڏهن تو وٽ رزق جو ڏڪار پيو آهي ته ڪاغذ ۽ قلم کڻي آيو آهيان صحيح ڪر.“

ان ئي وقت مسجد جي ٻاهر ڪنهن وتائي فقير کي سڏ ڪيو. ”وتايا فقير هي تنهنجي لاءِ کڻي آيو آهيان.“

وتائي فقير مسجد مان ٻاهر نڪري ڏٺو ته هڪ همراهه گڏهه تي اٽي جي ٻوري کڻي آيو هو. وتائي فقير کلي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ چيائين:

’اٽو موڪليئي باقي صحيح نه ڪيئي.“

ڪڏهن ڪڏهن غريبي بہ ڪم ايندي آهيٰ

هڪ سال حد کان وڌيڪ برسات ٿيڻ جي ڪري درياءُ چڙهي آيو ۽ وتائي جي ڳوٺ وارا ٻوڏ جي خطري جي ڪري ڳوٺ مان پنهنجو سامان کڻي ڪنهن محفوظ جڳهہ جي تلاش ۾ روانا ٿيا. وتائي فقير بہ پنهنجو مختصر سامان کنيو ۽ گهر واريءَ سان گڏ محفوظ جڳهہ جي تلاش ۾ روانو ٿيو. رستي ۾ هن ماڻهن کي بي انتها گهڻو وزني سامان، ڏاند گاڏين تي، اٺ گاڏين ۽ ڪجهہ ماڻهن کي پنهنجن ڪلهن تي کڻندي ڏٺو. وتائي فقير انهن جي پريشاني ۽ تڪليف ڏسي پنهنجي سامان تي نظر وجهندي کلندي چيو:

"ڪڏهن ڪڏهن غريبي بہ ڪم اچي ويندي آهي."

سواري

هڪ ڏينهن وتايو فقير سفر تي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. ننهن اس ۾ گرميءَ جي ڪري پنڌ هلي ٿڪجي پيو. آسمان ڏانهن منهن ڪري دعا گهريائين:

"اي مالڪ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. منزل به پري آهي سفر لاءِ ڪا سواري ملي وڃي ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي."

دعا گهرڻ کان پوءِ ٿورو رستو مس طئه ڪيائين ته سامهون هڪ پوليس واري جي گهوڙيءَ رستي ۾ هڪ ٻچي کي جنم ڏنو. وتائي تي نظر پوندي ئي پوليس واري ڪيس ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو:

"فقير هيڏانهن اچ! هن گهوڙيءَ جي ٻچي کي ڪٽي اسان سان هل."

وتائي فقير ٿوري چون چان ڪئي ته پوليس واري کيس چهبڪ وهائي ڪڍيو. زور اڳيان زاري سو ويچاري وتائي گهوڙيءَ جو ٻچڙو کنيو ۽ سهڪندي سهڪندي ٺاڻي تي وڃي ڇڏيائين. ٺاڻي کان ٻاهر نڪري نرڙ تان پگهر اگهي آسمان ڏانهن منهن ڪندي چيائين:

"مالڪ! مون چيو هو ته سواري ڏيار. اهو ڪونه چيو هئم ته سواري مون تي چاڙهه. پوليس واري جي ٻڌين ٿو پر پنهنجي فقير جي نٿو ٻڌين."

باھ

هڪ دفعي وتايو فقير پنهنجي ماءُ سان گڏ سفر تي وڃي رهيو هو هلندي هلندي کين رستي ۾ رات پئجي وئي. اهي هڪ جڳهه تي ترسي پيا. ماڻس کيس چيو:

”پٽ! ڪٿان باھ جو بندوبست ڪر تہ جيئن ماني پچائي سگهان.“

وتائي جواب ڏنو، ”امان! هن بر پٽ ۾ باه ڪٿان آئي.“

ماڻس مٿس ٺوڪ ڪندي چيو، ”تون تہ وليٰ الله آهين دوزخ مان وڃي باھ ڪٽي اچ.“

وتائي پنهنجي ماءُ کي سمجهائيندي چيو، ”دوزخ ۾ باھ ناهي هوندي.“

اهو ٻڌي سندس ماءُ حيران ٿيندي چيو، ”پر پٽ! اهو جو ٻڌو اٿئون تہ گنهگارن کي دوزخ جي باھ ۾ ساڙيو ويندو.“

وتائي جواب ڏنو، ”نہ امان ائين ناهي، الله سائينءَ وٽ ايترو وقت ٿورئي آهي جو باه ٻاري گنهگارن جو انتظار ڪري تہ ڪڏهن ايندا. پنهنجي دوزخ ۽ جنت دنيا ۾ هرڪو پاڻ ناهيندو آهي ۽ اها ئي باه پنهنجي ساڙڻ لاءِ دوزخ ۾ کڻي ويندو.“

ڪندو

هڪ ڏينهن ڪيڏانهن ويندي وتائي فقير جي پير ۾ ڪندو لڳو ته رڙيون ڪري آسمان مٿي تي کنيائين. ماڻهن پڇيس:

”فقير ڇا ٿيو؟ ڇو ٿو رڙيون ڪرين؟“

وتائي فقير روئندي چيو، ”پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي.“

تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪندو ڪڍندي چيس، ”ايتري ننڍڙي ڪندي لاءِ ايترو گوڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

اهو ٻڌي وتائي فقير ناراض ٿيندي چيو، ”مان ڪو ايوب صابر آهيان جو صبر ڪيان. اڄ ڪندو هنيو اٿائين ته سڀاڻي ڀالو هڻندو. ڪندي تي ايتري واويلا ان ڪري ڪيم جو ڪيس (الله سائين کي) خبر پوي ته مان ڪندو به نٿو سهي سگهان تنهنڪري ڀالو هڻڻ کان پري رهي.“

وڏيڪ ڇا ڇوان

وتايو فقير ڪنهن شهر تي ويو. پنڌ گهڻو هو سو سوچيائين تہ ڪا سواري هٿ ڪري ان تي چڙهي وڃان. ڪنهن شخص ڪان سوال ڪري ڪانئس گڏهہ وٺي متس چڙهي ويٺو. ڳوٺ ڪان ٻاهر نڪري گڏهہ کي وٺي ڏنڊا هنيائين. فقير ڀانيو تہ ڏنڊا لڳڻ سان گڏهہ تڪڙو وڃي منزل تي پهچائيندو پر گڏهہ پستي هٽي فقير کي هيٺ ڪيرائي وڌو.

وتائي فقير ويچاري هيٺ وڃي ڦهڪو ڪيو. يڪدم اٿي ڪپڙا ڇنڊي گڏهہ کي چيائين، "توکي جيڪي چوان سو تہ تون اڳ ئي آهين، هاڻي وڌيڪ توکي ڇا چوان؟"

تنهنجي نالي تي

وتائي فقير هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي، هڪ دڪان تي گدرا رکيل ڏٺا.

دڪاندار کي چيائين ته، ”بيليَ خدا جي نالي تي ڪجهه ڏي.“

هن هڪ ڦٽل گدرو ڏنس.

فقير وري ڪيسي مان ٽڪو ڪڍي ڏنس ۽ چيائينس ته، ”هن جو به گدرو ڏي.“

دڪاندار چونڊي هڪ سٺو گدرو ڪڍي ڏنس. اهو وٺي آسمان ڏي نهاريائين ۽ چيائين ته ”تنهنجي نالي تي جيڪي مليو ٿم، سو به ڏس ۽ جيڪو ٽڪي ۾ ورتو اٿم سو به ڏس.“

عشق!

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي هڪ دوست سان اوياريون، لهواريون ڪري رهيو هو تہ ڳالهين ڪندي اچي عشق جي ڳالهہ نڪتي:

فقير پڇيس، ”عشق ڇا آهي؟“

دوست چيس، ”فقير، عشق دل جي وندر ۽ روح جي راحت آهي، جنهن ڪي اندر ۾ عشق ناهي، سو انسان ئي ڪونهي.“

ان تي فقير چيو، ”ڀلا اهو عشق ڪنهن سان ڪبو آهي ۽ ڪيئن ڪبو آهي؟“

دوست چيس، ”فقير مرد جو عشق هميشہ عورت سان ٿيندو آهي ۽ ان ڪي ڦاسائڻ جا ڪيترائي طريقا ٿيندا آهن، ان ڪي ڀرڻ جي سنهو پتر ڪٽي هٽبو آهي.“

اهي خبرون ٻڌي ڇاڙون ڪري ٻئي موڪلائي هليا ويا. ٻئي ڏينهن فقير گس وٺيو پئي ويو، تہ ڏٺائين تہ هڪ عورت پئي وڃي، هن ڇا ڪيو، جو هڪ وڏو پتر ڪٽي نڪاءِ ڪرايائينس، اها عورت ويچاري ڪري پئي ۽ بيهوش ٿي وئي.

فقير ويجهو ويس ۽ ان ڏي نهاري چيائين، ”مون توکي پتر هنيو هو، تہ مون سان عشق ڪر يا ڏند ڪڍي ڪل.“

نيٺ تہ هتي ايندا!

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري تي وئي سو ڳوناٽبا چورن جا پير کڻي نڪتا تہ وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن پڇيس، ”فقير، هتي ڇا ويٺو ڪرين؟“

چيائين، ”چورن جو اڳ تو وٺان، نيٺ تي هتي ئي ايندا!“

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوڻي مشهور آهي تہ ”وتائي فقير وارو اڳ جهليو اٿئي!“

ڏپ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ڪنهن ربيو ڏنو، سو پٽڪي ۾ ٻڌي ڇڏيائين، رات جو ڪيس اچي ڪٽڪو ٿيو، سو ننڊ ئي نہ پئي اچيس، نيٺ صبح ٿيندي ئي اٿي گهران نڪتو ۽ گس ۾ هڪ چار ڏسي، ربيو ڪٽي ان ۾ رکي ڇڏيائين، اڳتي وڌيو، تہ ڪي ماڻهو مليس، انهن مان هڪ پڇيس تہ ”فقير! وات تي ڪو ڏپ ڏاءِ تہ ڪونهي؟“

وتائي فقير جواب ڏنو، ”انهيءَ چار تائين ڏپ اٿوَ، باقي اڳتي نہ!“

سونارو ۽ وتايو

هڪ ڏينهن هڪ سونارو ۽ وتايو فقير، ڪنهن مسافريءَ تي گڏجي نڪتا. پنڌ ڪندي ڪندي ڪين سج لهي ويو. رات جو فقير ته گس تي ئي ليٽي پيو، پر سوناري وٽ هڪ سؤ رپيا هئا، سو پاسو وٺي وجي سمهي رهيو.

ٿوري رات گذري، ته ڪن چورن اچي، وتائي کي جاڳايو ۽ چيائونس، "جيڪي ڪجهه تو وٽ آهي، سو ڪڍي ٻاهر ڪر."

فقير، اکيون مهٽيندي چيو ته، "پيلي آئون اهڙي خساري وارو ڪم ڪريان ئي ڪونه."

ٻئي چيو ته، "يار! ڇو اچي هن سڃي کي ورتو اٿوَ؟"

ان تي وتائي چيو ته، "آئون جي سڃو آهيان، ته پريان هو سونارو ته سڃو ڪونهي، روڪڙا سؤ رپيا ڪيسي ۾ پيا اٿس!"

اهو ٻڌي چور سوناري کي ڦري آيا ۽ کانئس سؤ رپيا کسي ورتائون.

جڏهن چور ويا هليا، ته سوناري، وتائي کي چيو ته، "واهه يار واهه! تنهنجي چڱ مڙسي! هٿ وٺي مون کي چورن هٿان ڦرايئي."

وتائي چيو ته، "تو به گهڻن غريبن جي سون ۾ گهوٻيون هيون هونديون."

مارٌ پئيوَ!

هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي، تہ وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ، واٽ تي ڏٺائين تہ ڪي ماڻهو لاش کنيو پيا اچن. ويجهو وڃي ڪانئن پڇيائين، ”ڇا کنيو اٿوَ؟“

ماڻهن جواب ڏنس، ”انڌو آهين ڇا؟ ڏسين نٿو تہ لاش کنيو پيا وڃو!“

وتائي چيو، ”اهو تہ آئون بہ ڏسان پيو. پر اهو ٻڌايو تہ مرد آهي يا عورت؟“

هنن چيو تہ، ”عورت.“

وري پڇيائين، ”ڪنواري آهي يا پرڻيل؟“

هنن ٻڌايس تہ، ”ڪنواري!“

ان تي هڪدم چيائين، ”مارٌ پئيوَ. مئي سهسايوَ پر ڏنوَ ڪنهن کي ڪانہ.“

هو بہ خوش ۽ آئون بہ خوش!

هڪ ڏينهن وتائي فقير وٽ ڪي مهمان اچي نڪتا، هن مسڪين وٽ.هڙ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو، جو ڪين ڪجهہ وٺي ڪارائي. اوچتو هڪ ڇوڪر اچي اتي ڪُهرن جو هوڪو ڏنو. وتائي فقير اتي ڪيس سڏ ڪيو ۽ سڀ ڪهر تورائي ڪٽي مهمانن جي اڳيان رکيائين. جڏهن ڇوڪر پئسن جي گهر ڪئي، تہ اتنڌي ئي بہ تقڙ هٿي ڪڍيائينس، ڇوڪر ويهي روئڻ لڳو. گهڙي پل گذريو، تہ هڪ شخص آيو ۽ اچي فقير ڪي پئسا ڏنائين، فقير يڪدم اتيو ۽ ڇوڪري کيءَ پئسا ڏيئي روانو ڪري ڇڏيائين.

مهمانن پڇيس تہ، "فقير! تو اهو ڇا ڪيو؟"

جواب ڏنائين تہ، "مون وٽ هڙ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو، ڏنم تہ خدا کي سؤال ڪندس تہ اهڙو تڪڙو اصل ڪونہ ٻڌندو، سو وٺي تقڙ هنئينمانس، هن ڪيوڻ دانهون، تہ ڏسو! تہ ڪيئن نہ ٻڌي ورتائين ۽ پئسا اچي مليا. هاڻي هو بہ خوش آئون بہ خوش."

ڇيڙ

هڪ ڀيري ڪنهن واهه جو بند ڀڄي پيو. اتي جي زميندار، پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڏنو ته، "ڇيڙ وني وڃ، ۽ بند ٻڌائي اچ." ڪمدار ڇيڙ وني وڃي ڪم شروع ڪيو. گهارو تمام زبردست پيل هو، ان ڪري بند ٻڌجي ئي نه پيو. ڪمدار ماڻهن تي گهڻو ئي دڙيو پر هنن ويچارن جو پاڻيءَ سان ڪهڙو وس....!؟ سو وڏي ڪوشش جي باوجود به بند ٻڌي نه سگهيا.

انهيءَ بند جي پرسان عام گس هو. ڪمدار خيال ڪيو، ته هاڻي جيڪو به ماڻهو اتان لنگهندو وڃي، ته ان کي ڪم تي لڳائيندو وڃي، ڇو ته جيڪڏهن شام تائين بند نه ٻڌو، ته زميندار ميڙجي پوندو.

اتفاق سان انهيءَ مهل وتايو فقير ۽ ٻه ٻيا ماڻهو به اتان اچي لنگهيا. ڪمدار هڪل ڪئي ته، "ويندڙ، خبرون ڏيو؟"

هنن جواب ڏنس ته، "اسين فلاڻي رئيس جا ماڻهو آهيون، سندس ڪم سان پيا وڃون، ٻيو سڀ خير!"

ائين چئي، هو هليا ويا ته ڪمدار فقير کان پڇيو، "تون ڏي خبر! ڪنهن جو ماڻهو آهين؟"

وتائي چيو ته، "خدا جو ماڻهو آهيان."

ان تي ڪمدار چيو ته "هل هل ڙي! تون خدا جو ماڻهو آهين ۽ ٻيا چورن جا! هل هلي ڪم ڪراءِ."

اهو ٻڌي وتائي فقير آسمان ڏانهن ڏنو ۽ چيائين، "اي خدا! تنهنجو مان ته وڏيري جهڙو به ڪونهي."

ڏڪا نہ ڏي!

هڪ ڏينهن وتايو فقير خدا تعاليٰ کان دعا گهري رهيو هو. ٿ متي ڪٽي، سوال ڪندو، پوئتي هٽندو پئي ويو. پئيان ڪا ڪڏ ئي، جنهن جي ڪيس خبر ئي ڪانہ پئي، هو پوئتي هٽندي، وچتو وڃي انهيءَ ڪڏ ۾ ڪريو.

يڪدم متي نهاري چيائين تہ، "الله سائين! دعا نہ ٻڌين تہ ٻڌ، پر ڏڪا تہ نہ ڏي!"

پٺهس جو گهر

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي گهر آيو تہ ڏٺائين تہ دروازي ي پرسان هڪ ڇوڪر ويٺو پائخانو ڪري. ڪانئس پڇيائينس تہ، ڇوڪرا، ڪنهن جو پٽ آهين؟"

ڇوڪر جواب ڏنو تہ"الله جو." تڏهن يڪدم پانهن ۾ هٿ جهي، وٺي وڃي، مسجد جي در وٽ ويٺو،. اتي چيائينس تہ، "ابا راوا گهر هنگي نہ وڃاءِ، پٺهين جو گهر هيءَ آهي."

گڏه ۽ ڍڳي

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هوندي هئي، هو ڪيس روز گاهه آڻي ڏيندو هو، اتفاق سان هڪ گڏهه اچي هريو ۽ روزانو ڍڳيءَ جو گاهه کائي ويندو هو. فقير ان کي هڪلي هڪلي تنگ ٿي پيو، هڪ ڏينهن گڏهه کي هڪلي هڪلي فقير اچي بيزار ٿيو، سو رب پاڪ کي سوال ڪيائين ته "ڏٽي منهنجا! هن گڏهه کي مار!"

صبح ٿيو ته ڏسي ته سندس ڍڳي مئي پئي آهي. فقير يڪدم گهران نڪتو ۽ وڃي هڪ انڌي کي وٺي آيو. ان کي چيائين ته، "هيءُ جانور سڃاڻ ته ڪهڙو آهي؟"

هن هٿ لائي چيو ته "هيءَ ڍڳي آهي."

ان تي ڪنڌ مٿي ڪري چيائين ته "اي الله انڌي جيتري به سڃاڻپ ڪانه اٿئي. مون توکي چيو هو، ته گڏهه مار يا ڍڳي مار!"

وتايو - وتايو!

هڪ ڀيري وتايو فقير درياه جي پرينءَ پر تي ويو، سو ٻيڙيءَ تي چڙهي وينو. جڏهن ٻيڙي پرجي ويئي، تہ مهاڻي الله جو نالو وٺي ٻيڙي ڇوڙي، وتايو ٽپ ڏئي لهي پيو ۽ چيائين تہ، ”ڪهڙي قهار جو نالو ورتو اٿئي!“

انهيءَ تي ٻيڙيءَ ۾ وينلن مان بہ ٻيا ڇٽا بہ لهي پيا. ٻيري اتي هلي جڏهن وچ سير تي پهتي تہ خدا جي قهر سان اوچتو ئي اوچتو اونڌي تي پيئي ۽ ٻڏي ويئي، وتائي فقير تيستائين ڪناري تي ٻيٺي ڏٺو. جڏهن ٻيڙي غرق تي ويئي، تہ ور ڪنجي، درياه ۾ گهڙي هلڻ لڳو. انهن ٻن شخصن چيس، ”فقير، ڀلا اسان کي بہ ساڻ وٺيو هل!“

هن هڪ هٿ هڪڙي جي ڪن ۾ ۽ ٻيو هٿ ٻئي جي ڪن ۾ وڌو ۽ چيائين تہ، ”توهين وتايو وتايو چوندا هلو!“

هو ساٿس گڏ ”وتايو وتايو“ چوندا پٺي هليا. جڏهن وچ سير ۾ پهتا، تہ هنن سوچيو تہ اسين گهڙيءَ ڪن ماٺ ڪري ٻڏون، تہ فقير جا تو چوي.... اهو سوچي، هنن ماٺ ڪئي ڪئي ۽ ٻڏائون، تہ فقير، ”الله - الله“ ڪندو هلي.

هنن سوچيو، تہ اسين ڇو وتايو وتايو ڪندا هلون؟ الله - الله ڇو نہ چئون؟ اهو سوچي، هو بہ ”الله - الله“ ڪرڻ لڳا، تہ اچي ٻڏڻ لڳا.

وتائي فقير ٻنهي کي هڪ هڪ چماٽ ڀري هنئي ۽ چيو تہ، ”پهتا اجا وتائي تائين ڪونہ آهيو ۽ الله کي پيا سڏ ڪريو!“

آئون ڪتي!

هڪ دفعي وتائي فقير ٻني پوکائڻ جو خيال ڪيو. ماڻهن کي چيائين تہ جوڙا وٺي اچو انهن سڀني ٻني کيڙي ڏنس جڏهن ٻني کيڙي بس ڪيائون تہ چيائونس، ”فقير هاڻي پيٽ ڪاراءِ!“

اهو ٻڌي وتايو فقير اچي روئڻ لڳو.

ماڻهن پڇيس تہ، ”فقير! روئين ڇو ٿو؟“

چيائين تہ، ”روئان ان ڪري ٿو، تہ اوهين تہ ماني گهر بہ وڃي کائيندا، پر آئون ڪتي کائيندس؟“

گهوڙو مڇندو ڏوڙ

وتايو فقير هڪ دفعي ڪنهن ايري گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو اڳيان هڪ شخص پڇيس تہ، ”فقير، تنهنجي گهوڙي کي ڇا ٿيو آهي جو تمام ايرو ٿي ويو آهي؟ داڻو پاڻي ڪونہ ٿو مليس ڇا؟“

فقير چيو تہ، ”ادا، داڻو تہ مون وٽ آئي ڪونہ. اهو تہ آهي الله وٽ، سو نٿو ڏئيس، گاهہ ڪرڻ جي وسيت مون ۾ بہ ڪانهي. وريَ منهنجو گهوڙو بہ آهي خار باز. پاڻي پيئڻ انهيءَ بہ ڇڏي ڏنو آهي. هاڻي مڇندو ڏوڙ؟“

چڱو ٿيو...!

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته واٽ تي سج لهي ويس. وٽس ڪيسي ۾ هڪ رپيو پيو هو. ان ڪري ڊپ اچي ٿيس، ته متان ڦورو ڦري وڃن ۽ پئسا هوندا، ته جان جو به ڊپ آهي، ان ڪري اهڙي شئي ئي نه هجي ته چڱو. اهو سوچي، رپيو ڪيسي مان ڪڍي. هڪ ڪرڙ جي وڻ جي پاڙ ۾ اڇلائي ڇڏيائين ۽ پاڻ اڳتي هليو ويو.

صبح جوڪو ڏنار مال ڪاهي اچي اتان لنگهيو. تنهن جي نظر وڃي رپئي تي پئي. ڪرڙ ۾ رپيو ڏسي سمجهيائين، ته پڪ هتي ڪو خزانو لڪل هوندو. سو ڪهاڙي کڻي سڄو ڪرڙ وڍي ڇڏيائين ۽ پاڙون به ڪڍي ڇڏيائينس.

وتايو فقير پڻ - ٽن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ ڏانهن موٽيو سو سوچيائين ته ڪرڙ مان رپيو کڻيو وڃان. جڏهن اتي پهتو، ته ڏٺائين، ته ڪرڙ آهي ئي ڪونه ۽ اتي کڏ لڳي پيئي آهي، ڪو ڪرڙ جون پاڙون به ڪڍي ويو آهي.

حيران ٿي چيائين، ”چڱو ٿيو، جو رپيو اڇلائي ڇڏيم، نه ته منهنجا به لاهه ائين نڪري وڃن ها.“

ڏئي ٿو، پر ڪنگهائي!

ڳالهہ تا ڪن تہ وتائي فقير ڪي پلاءِ ڏاڍو وڻندوهو، سو هڪ ڏينهن خيال ڪيائين، تہ ماڻهو چون تا، تہ خدا رازق آهي. سو آئون بہ آزمودو وٺان، تہ واقعي اها ڳالهہ سچي آهي يا نہ.

اهو خيال ڪري، شهر کان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ واهہ جي ڪناري تي بيٺل هڪ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو. انهيءَ حالت ۾ ڪيس بہ ڏينهن گذري ويا پر ڪتان ڪو بہ ڏاڪون پرجي نہ آيو. ٽئين ڏينهن ڪو رئيس شڪار لاءِ اتي آيو ۽ انهيءَ وڻ جي ڇانوَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو (جنهن تي وتايو ويٺو هو) رئيس جا ماڻهو رڌ پچاءَ ۾ لڳي ويا. جڏهن ماني رڌجي تيار ٿي، تہ رئيس، نوڪرن کي حڪم ڏنو، تہ "پهرين ٿالهي هو پريان اچو قبو پيو نظر اچي اتي وڃي خدا ڪارڻ ڏيئي اچو."

وتائي فقير ڏٺو تہ، هاڻي جيڪڏهن ماٺ ٿو ڪيان، تہ اڄ بہ بک ٿو مران، ان ڪري وني زور سان ڪنگهيائين. جڏهن رئيس ڪنگهڪار ٻڌي، تہ مٿي ڏٺائين، تہ فقير وڻ تي ويٺو آهي. ان کي ڏسي چيائين، تہ "فقير، هيٺ لهي آءُ ۽ اچي پيٽ ڪاءُ."

فقير وڻ تان لهي آيو ۽ پيٽ ڪائي ڳوٺ موٽيو. ماڻهن پڇيس، "فقير! بہ - ٽي ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟"

چيائين: "ٻڌو هئم تہ خدا رازق آهي، سو ان جو آزمودو وٺڻ لاءِ ويو هئس!"

ماڻهن حيران ٿي پڇيس، "پوءِ ڇا ٿيو؟"

جواب ڏنائين تہ، "ها، ڏئي ٿو پر ڪنگهائي پوءِ ٿو ڏئي."

اي ماهہ رمضان الوداع!

هڪ سال وتائي فقير رمضان شريف ۾ جمع جو روزو رکيو. شام ٿي، تہ نماز پڙهڻ ۽ روزو کولڻ لاءِ مسجد ۾ آيو. جڏهن روزي کولڻ جو وقت ٿيو، تہ ملان فقير اڳيان دال ۽ جوئر جي ماني آڻي رکي ۽ جيڪي آسودا نظر آيس، تن جي اڳيان ٻوڙ ۽ پلاءُ رکيائين. اتفاق سان ٻن ڄڻن جو گوشت جي ٻوڙ تان جهيڙو ٿي پيو. هڪ چيو تہ "تو گهران رذل پٺاٺا آندا آهن، اهي ڇو نٿو کائين؟"

ٻئي چيو تہ، "جي گوشت کاڌم تہ ڇا ٿيو، تنهنجو نفس گوشت کائڻ لاءِ چوي ٿو ۽ منهنجو نہ؟"

ٻنهي ۾ جهيڙو وڌي ويو ۽ هڪٻئي کي گار گند ڪيائون. نيٺ ماڻهن وچ ۾ پئي جهيڙي کي ٽاريو.

فقير جو اها حالت ڏٺي، سو اٿي ملان وٽ ويو ۽ چيائين تہ، "توکي شابس هجي، جو مون کي گوشت جو ٻوڙ نہ ڏنئہ، نہ تہ منهنجو نفس بہ هري پوي ها ۽ آئون روز پيو اچان ها ۽ اهڙا جهيڙا پيو ڏسان ها."

ائين چئي، مسجد کان ٻاهر نڪتو پٺ ورائي چيائين تہ "چڱو! اي ماهہ رمضان هاڻ الوداع!!"

ريچڪ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ماڻس چيو تہ "ابا! تون ڪتني پٽي آهي هاڻ تہ الله سائين کي سوال ڪر تہ ڪجھہ ڏيازي."

فقير رب پاڪ کي سوال ڪيو. ڪيس ارشاد ٿيو تہ اھا گھر ۾ جيڪا ٻير اٿئي، اھا وڃي ڏوڻ، ھن ٻير کي وڻي ڏوڙيو تہ منجھانئس رپين جو مينھن وسي ويو. ھن چا ڪيو، جو ھڪڙو رپيو کڻي اچي ماءُ کي ڏنائين.

ماڻس چيس تہ، "ابا! هيترن رپين مان فقط هڪڙو رپيو کڻي آيو آهين؟"

فقير چيو تہ "مات ڪر، هيچ نہ ڪر، الله سائين کي ريچڪ آيو تہ اھو بہ ڪسي وٺندءِ!"

ڏوڏ

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هئي، ماڻس جو ان سان تمام گهڻو پيارُ هوندو هو. خدا جي قدرت سان هڪ سالَ اڇي مال ۾ موڙو پيو. ڍاڳين جا ڍاڻ خالي ٿي ويا. غريب غربي جي دانهن مچي وئي. ڪنهن وٽ ڪو هڪ ٻه وهٽ هئا ته اهي به مري ويا. وتايو فقير به انهي ڏک کان بچي نه سگهيو. ماڻس کي تمام گهڻو ڏک ٿيو ۽ اچي روئڻ ۾ چنتڪي سو بس ٿي نه ڪري. تڏهن وتائي فقير چيس ته "ماٺ ڪر، مورڳوَ الله سائين ڪاوڙجي ڏوڏ نه ونيئي."

ٻيڙي ٻوڙائي ڇڏيئي

وتائي فقير جو گهوڙو چور چورائي ويا. فقير ڇنا ڪيو جو ويو مسجد ۾ ، اتي ناهوڪو دلو ڏسي وجي ڪنيائين. ملي چيس، ”فقير، ڇا ٿو ڪرين؟“

فقير چيو تہ ”دلو ڪپيم ٿو، سو پئي هنڊان ڪٽندس تہ هنن کي خبر پئجي ويندي، چور ڪري ڪٽي ڇڏيندم. هن يار جو ڪنيو ٿو وڃان جو هن کي نڪا پئي خبر نڪا چار، ٻي اوئو هليو ويندس.“

ملي چيو تہ ”نہ فقير! نہ تون پليو آهين، هو تہ عالم الغيب آهي، سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو.“

اتي وتائي فقير چيو تہ، ”هان! سڀ خبر پويس ٿي، تڏهن چئبو تہ لچن کي پناهہ پاڻ ٿو ڏئي. هي تہ هٿ وني اسان جي ٻيڙي ٿو ٻوڙائي.“

سواري

هڪ ڏينهن وتايو فقير سفر تي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو نئهڻ اس ۽ گرميءَ جي ڪري پنڌ هلي هلي ٿڪجي پيو. آسمان ڏانهن منهن ڪري دعا گهريائين:.

"اي مالڪ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. منزل به پري آهي سفر لاءِ ڪا سواري ملي وڃي ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي."

دعا گهرڻ کان پوءِ ٿورو رستو مس طئه ڪيائين ته سامهون هڪ پوليس واري جي گهوڙيءَ رستي ۾ هڪ ٻچي کي جنم ڏنو. وتائي تي نظر پوندي ئي پوليس واري ڪيس ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو:

"فقير هيڏانهن اچ! هن گهوڙيءَ جي ٻچي کي کڻي اسان سان هل."

وتائي فقير ٿوري چون چان ڪئي ته پوليس واري ڪيس ڇهبڪ وهائي ڪڍيو. زور اڳيان زاري سو ويچاري وتائي گهوڙيءَ جو ٻچڙو کنيو ۽ سهڪندي سهڪندي ٽاٽي تي وڃي پڄايائين. ٽاٽي کان ٻاهر نڪري نرڙ تان پگهر اگهي آسمان ڏانهن منهن ڪندي چيائين:

"مالڪ! مون چيو هو ته سواري ڏيار. اهو ڪونه چيو هئم ته سواري مون تي چاڙه. پوليس واري جي ٻڌين ٿو پر پنهنجي فقير جي نٿو ٻڌين."

ڪپڙا ۽ ماني

وتائي جي ڳوٺ جي پر واري ڳوٺ ۾ شادي هئي. دهلن دمامن جون ڌمون ۽ پتن جون الوليون لڳيون پيون هيون، فقير به پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ سڌو چني ۾ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهٽو ئي نهاريائين. پر ڪنهن رکي صلاح به ڪانه ڪيس. پيا جيڪي ڪپڙين گنديئين نهيل ماڻهو پي آيا، تن کي ڪامڙين وٽي عزت سان پئي ويهاريو ۽ کين ماني ٽڪي پئي ڪارائي.

هيءُ ويهي ويهي نيٺ اٿيو ۽ هڪ ڪٺيءَ وٽ آيو، ان ڪان مسواڙ تي ڪپڙا وٺي پائي، ڏاڍيءَ ٺٺ سان اچي چني ۾ گهڙيو. ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ وٺي وڃي باعزت وهاريائونس. يڪدم پوڙ پلاءُ اچي ويا ۽ فقير جي اڳيان رکجي ويا.

فقير ڪپڙن ۾ هٿ وڌو ۽ انهن کي چيو ته "ڪائو ڪائو!"

ماڻهن چيس ته "چريو آهين ڇا؟"

جواب ڏنائين ته، "سوير غريباڻن ڪپڙن ۾ اچي وينس ته ڪنهن ڪنگهيو به ڪونه. هينئر جڏهن هي ڪپڙا پائي آيو آهيان، تڏهن خوشامد پئي ٿئي. اها ماني ڪپڙن کي ملي آهي، مونکي ماني ملي ها ته سوير ئي ملي ها. انهيءَ ڪري هنن کي پيو چوان ته ڪائو ڪائو!"

وتايو ۽ سيون

ڳالهہ ڪندا آهن تہ وتائي فقير کي سَيون گهٽيُون وٺنديون هيون. هڪ ڏينهن خدا کي سوال ڪيائين تہ، ”ڏٽي منهنجا، اڄ هڪڙو نماڻو سوالِ تہ منهنجو بہ ٻڌ! رمضان جي عيد اچي، ماڻهو سيون رڌين، جڏهن رڌي بس ڪن تڏهن سڀ مري وڃن. آئون ۽ امان وڃون ۽ سڀ سيون ميڙي گهر کڻي اچون، جڏهن سڀ سيون گهر اچي وڃن، تڏهن امان بہ مري وڃي پوءِ تہ آئون هجان ۽ سيون.“

ڪَسُ

هڪ دفعي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. ماڻهو مڙي وتائي فقير وٽ آيا. چيائونس تہ، ”فقير، دعا گهر تہ هيءَ مصيبت ٽري.“

جواب ڏنائين تہ ”ابا، اوهان کي کهڙي ڪس آهي، خرچ تہ سندس ئي وڌيو.“

موت

وتائي فقير کي ڪنهن شخص چيو تہ ”فقير، مرڻ برحق آهي.“

فقير جواب ڏنو تہ، ”ادا! ڪونهي لڪڻ جو لڪ. تڏهن چئون تا مرڻ برحق، نہ تہ پرين! چڙهي وڃونس.“

آخوند ۽ ڍڳي

هڪ ڏينهن فقير مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويو. پيش امام نماز پڙهائڻ لڳو تہ فقير ٿوري وقت بعد هري هري تي صف مان نڪري وڃي جدا نماز پڙهڻ بيٺو. نماز بعد ماڻهن چيس تہ، ”تو جماعت سان نماز ڇو نہ پڙهي؟“

فقير چيو تہ، ”آئون ڪنهن جي پنيان نماز پڙهان؟ آخوند ويچاري پئي ڍڳي ڳولي. پوءِ چيم تہ هاڻي پنهنجي باريان، پيو هن مان ڪونہ وريو تنهن ڪريً وڃي جدا نماز پڙهيم.“

مُقام ۾

هڪڙي ڏينهن وتايو فقير ڳهران ڪاوڙجي نڪتو. چيائين تہ بسنْ آئون هاڻ مري تہ وڃان. پوءِ اتان نڪري اچي مقام ۾ ويهي رهيو. اوچتو هڪ گاڏي اچي اتان لنگهي. اڳيان گپ هئي تنهنڪري گاڏي ڦاسي پيئي، گاڏيءَ واري ويچاري گهڻيئي حيلا ڪيا، پر گاڏي نڪري نہ سگهي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين، تہ وتائي فقير کي پريان مقام ۾ ويٺل ڏٺائين سڏ ڪري چيائينس تہ: "درويش مون کي گاڏي ڪڍائڻ ۾ تہ اچي مدد ڪر."

وتائي فقير چيس تہ، "ادا، آئون مئو پيو آهيان، نہ تہ تنهنجي گاڏي سوير.ئي نڪري وڃي ها."

مرڻ ۽ سجاڻپ

وتايو فقير گھمندو گھمندو سير ڪندو ڪنهن شهر ۾ وڃي نڪتو. اتي سندس ڄاڻ سڃاڻ ڪانہ هئي. تنهن ڪري مسافر خاني ۾ وڃي ٽڪيو. قسمت سان ويچارو بيمار ٿي پيو ۽ مسافر خاني جي هڪ ڪنڊ ۾ پئجي رهيو. بيماري وڌي وئي. هن تي غشي طاري ٿي وئي. ماڻهو اچي مڙيا ۽ چون پيا تہ "الائجي هندو آهي يا مسلمان؟"

وتايو فقير اها ڳالھ ٻڌي ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چيائين تہ "هٽ مرڻ نهي ٿي ڪونہ ٿو. اسين اتي مرنداسون جتي ڪو سڃاڻندو تہ هجي."

جبل تورڻ

هڪ ڏينهن ڪنهن ملان واعظ ۾ چيو ته ”هميشه وڏو پٿر کڻي ان سان وٽ ڇينجي، ڇو ته اهي وٽ وارا پٿر توريا ويندا ۽ انهن جو ثواب ملندو.“ وتايو فقير اها ڳالهه ٻڌي اٿي هليو. هلندي هلندي وڃي هڪ جبل تي چڙهيو ۽ اتي پيشاب ڪري، سڄي جبل تي ڇيٽي، چيائين ته ”هاڻ ڀل ته پيا سڄو جبل تورين.“

سومهڻي نماز

وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ رات جو هڪ شخص گذاري ويو، سو ٻئي ڏينهن صبح جو ڪنهن شخص فقير کي چيو ته، ”فقير! رات پاڻ وارو يار گذاري ويو. ڏاڍو چڱو ماڻهو هو.“

فقير کلي چيو، ”ادا ڇڻو سومهڻي نماز جي سور ڪان!“

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاڻو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَڻَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَڻ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَڻ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)